SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXVII OF 1984

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 36 جي ترميم.

Amendment of Section 36 of Sindh Act VII of 1879

3. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 40 جي ترميم.

Amendment of Section 40 of Sindh Act VII of 1879

سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXVII OF 1984

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 سيپٽمبر 1984]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن سان سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ڪجھ ترميمن ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

جيئن تہ سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان

آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 36 جي ترميم.

Amendment of section 36 of Sindh Act VII of 1879

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 جنهن کي هن کانپوءِ بہ ساڳيو ايڪٽ ئي سڏيو ويندو، هن جي دفعہ 36 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ٿيندو:-

"ڪنهن اپيل تي ڪو فيصلو نہ ورتو ويندو جيستائين درخواست گذار کي پڌرڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي."

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 40 جي ترميم.

Amendment of section 40 of Sindh Act VII of 1879

3. هن ايڪٽ جي دفعہ 40 ۾، لفظن "پارنهن پيرا" جي هنڌ تي "پندرهن پيرن کان گهٽ نہ هجي ۽ ويهن پيرن کان وڌيڪ نہ هجي" لکيو ويندو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.